# اسلام موجوده دور ۾



سيد ابوالاعليٰ مودودي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسلام

ءَ

# موجوده دور ۾

ا - ب - ج

سيد ابوالاعلىٰ مودوديؒ

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNI: OF SINDH. JAMSHORO

مجلس دعوت اسلام صوبه سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو ———— اسلام موجوده دور ۾

مصنف ———— سيد ابوالاعليٰ مودوديؒ

تعداد ———— ١٠٠٠٠

سن اشاعت ———— جولاءِ ١٩٨٨ع

ڇاپيندڙ ———— ينائي پرنٽنگ پريس
لطيف آباد ۴ حيدرآباد

ڇپائيندڙ ———— مجلس دعوت اسلام
صوبه سنڌ

ملڻ جو پتو ———— ٨/١١ يونٽ نمبر 7/٤
لطيف آباد حيدرآباد

قيمت .. ١٤.٢٥ روپيه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرّحمٰن الرّحيم ۞

نحمدہٗ ونصلي علیٰ رسوله الکريم

# اسلام موجوده دور ۾

( هي تقرير اڳ ۾ راولپنڊي ۾ (I dont agree club) جي دعوت تي ۽ يونيورسٽي ڪراچي ۾ اسلامي جمعيت طلبه ڪراچي جي ميڙ ۱۹۶۲ ۾ ڪيو ويو.)

اسلام ٽو- ڊي (Islam today) کي جيڪڏهن ان جي انگريزي معنيٰ ۾ ورتو وڃي يعني انهيءَ مفهوم ۾ جنهن ۾ مغرب وارا انهيءَ لفظ کي استعمال ڪندا آهن ته اهو ذري گهٽ ”اڄوڪا مسلمان“ جو هم معنيٰ آهي. مغرب وارا ”اسلام“ ۽ ”مسلمان“ کي اهڙو ته هڪ ٻئي سان منجهائي ڇڏيندا آهن جو جتي هنن کي ”مسلمان“ چوڻو هوندو آهي اتي هو ”اسلام“ چوندا آهن ۽ جتي اسلام چوڻو هوندو آهي اتي مسلمان چئي ويندا آهن. انهيءَ ڪري اڳ ۾ ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها غلط وهمي دل مان ڪڍي ڇڏيو ته ”اسلام ته ديُ لفظن جي معنيٰ مسلمانن جي موجوده حالت جي آهي. ان کان پوءِ پيو مفهوم جيڪو ”اسلام ته ديُ“ لفظ ٻڌي ذهن ۾ اچي ٿو، سو آهي“ اڄ جو اسلام“ ـ انهيءَ معنيٰ جي لحاظ کان هي عنوان بالڪل بي معنيٰ ٿي پوي ٿو، ڇاڪاڻ ته اسلام جي لاءِ اڄ ۽ ڪالهه جي ڪا به معنيٰ ڪانهي. اسلام ته هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت آهي. هڪ اهڙي حقيقت جيڪا پنج ارب سال اڳ به اها ئي حقيقت هئي ۽ پنج ارب سال پوءِ به اها ئي حقيقت رهندي. پنج ارب سال اڳي به اها حقيقت هئي ته ڪائنات جو هڪ ئي خدا هو ۽ پنج ارب سال بعد به اها ئي حقيقت هوندي ته هن ڪائنات جو هڪ ئي خدا رهندو اها حقيقت به ازلي ۽ ابدي آهي ته مخلوق جو ڪم خالق جي بندگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نا هي. جتي به ڪي انسان موجود هوندا اتي انهن جو ڪم، بنا ڪنهن شڪ جي پنهنجي خالق جي بندگي ڪرڻ ئي هوندو. انهيءَ لحاظ کان، جيستائين اسلام جو تعلق آهي، ان جي باري ۾ اڄ ۽ ڪالهه ۽ ماضي، حال ۽ مستقبل جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

جيڪڏهن انهيءَ عنوان جي ڪا معنيٰ ٿي سگهي ٿي ته ان جون ٻه معنائون آهن. هڪ هيءَ ته اسلام سان مسلمانن جو طرزِ عمل ڪهڙو آهي؟ مسلمان هن زماني ۾ اسلام جي متعلق ڪهڙو رويو رکن ٿا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي سبني جي ڪري آهي ۽ ان مان اسان کي معلوم ٿيندو ته مستقبل ۾ اهو رويو ڪهڙي صورت اختيار ڪندو.

انهيءَ نقطه نظر کان اسين جيڪڏهن هڪ تاريخي جائزو وٺون ته معلوم ٿئي ٿو ته اسين مسلمان پنهنجي تاريخ جي دوران ٽن وڏن مرحلن مان گذرندا آيا آهيون ۽ هن وقت اسين چوٿين مرحلي ۾ آهيون:

## پهريون مرحلو

اسان جي تاريخ جو سڀ کان پهريون مرحلو اهو هو، جڏهن اسلام جو آغاز ٿيو. هڪ اڪيلي شخص کي الله تعاليٰ جي طرفان انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو ويو ته هو الله جي توحيد ۽ آخرت جي عقيدي ۽ رسالت جي تابعداري جي بنيادن تي ماڻهن جي زندگيءَ جي تعمير لاءِ ڪوشش ڪري. انهيءَ هڪڙي الله جي سچي ٻانهي تيرهن سالن تائين مڪي شريف ۾ انهيءَ دعوت کي خدا جي خلق وٽ پيش ڪيو ۽ محض زبان سان نئي پيش نه ڪيو پر پنهنجي زندگيءَ جي هر هڪ عمل سان، پنهنجي هلت چلت سان، پنهنجي رويي سان، پنهنجي ورتاءَ سان مطلب ته پنهنجي هڪ هڪ چيز سان انهيءَ عظيم شخصيت هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھ جو مظاھرو ڪيو تہ اسلام کي ڪھڙي قسم جو ماڻھو گھرجي ٿو. اھو ڪھڙي قسم جو اخلاق بنائڻ چاھي ٿو، ڪھڙيءَ سيرت جو گھرجائو آھي ۽ ھڪ اھڙي شخص جو ھن زندگيءَ ۾ ڪھڙو رويو ھئڻ گھرجي، جيڪو اسلام کي مڃي. جيڪي ڪجھ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن ماڻھن جي آڏو پيش ڪيو، تنھن جو مجسم نمونو خود پاڻ سڳورا ھئا.

انھيءَ دعوت کي ٻڌي ۽ انھيءَ نموني کي ڏسي خدا جي خلق مان اھي ماڻھو پاڻ سڳورن سان شريڪ ٿيندا ويا، جن پوري ايمانداري، خلوص، فھم ۽ شعورسان انھيءَ شيءِ کي چڱي طرح جاچي سچائي دل سان قبول ڪيو. ڪو ھڪ ماڻھو بہ نا سمجھي سان رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان گڏ نہ آيو ۽ جڏھن ڪو شخص خوب سوچي سمجھي آيو تہ پوءِ ھن پنھنجي زندگيءَ کي پوري طرح انھي قالب ۾ ڍلڻ جي ڪوشش ڪئي، جنھن قالب ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي طرفان پيش ڪيل دعوت چاھيو پئي تہ اھو ڍلجي پوي. تيرھن سالن جي انھي مدت ۾ مڪہ معظمہ ۾ جن ماڻھن اسلام قبول ڪيو انھن مان ھر ھڪ ماڻھوءَ جي زندگيءَ ۾ عملاً اھو انقلاب ظاھر ٿيو، جيڪو اسلام انساني زندگي ۾ رونما

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت مشڪل سان ڇهه يا ست هزار ڪن ٿينديون. ايتري ننڍڙي علائقي ۾ هڪ رياست قائم ٿئي ٿي ۽ اها سڄي عربستان کي چئلينج ڪري ٿي. هڪ طرف ڪان سڄو عرب آهي ۽ ٻئي طرف اها ننڍڙي رياست. انهيءَ رياست ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن عربي جاهليت کان بلڪل مختلف نموني جو هڪ نئون معاشرو بنائڻ شروع ڪيو ۽ چند سالن اندر اهو نمونو پوري طرح تيار ڪري سڄي عرب جي سامهون رکيائون، جنهن کي ڏسي هر هڪ ماڻهو ڪلي طرح سان اهو معلوم ڪري پئي سگهيو ته اسلام انساني تهذيب ۽ تمدن کي ڪهڙي شڪل ڏيڻ چاهي ٿو ۽ ان ۾ اخلاق جو ڪهڙو روح جاري ۽ قائم ڪرڻ ان جي نظر جي سامهون آهي.

اسلام جنهن عدل جي دعوت ڏئي ٿو سو انهيءَ رياست ۽ معاشري ۾ عملي طور قائم ڪري ڏيکاريو ويو. اسلام معاشي زندگيءَ ۾ جيڪا اصلاح ڪرڻ چاهي ٿو، سا اتي نافذ ڪري ڏيکاري وئي ته جيئن ماڻهو فقط ڪنن سان ئي نه ٻڌن، بلڪ اکين سان ڏسي به وٺن ته اسلام ڇا آهي؟ ۽ ڪهڙيون آهن اسلام جون برڪتون؟ ۽ ڪهڙي طرح اسلام کي عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو؟

هاڻي هي انساني تاريخ جو حيرت انگيز معجزو آهي ته انن (٨) سالن جي مختصر مدت ۾ هڪ شهر جي ننڍي رياست، جيڪا ٿورن چورس ميلن ۽ ڪجهه هزار ماڻهن تي

مشتمل هئي، سڄي عرب تي ڇانئجي ويئي. فقط اٺن سالن اندر ڏهن بارهن لکن چورس ميلن جو سڄو ملڪ قبضي ۾ اچي ويو ۽ قبضي به اهڙي ۾ اچي ويو جو ماڻهو فقط هڪ سياسي نظام جي تابع ٿي نه ٿي ويا پر هنن جا نظريا بدلجي ويا، هنن جون قدرون بدلجي ويون، هنن جا اخلاق بدلجي ويا ۽ سندن معاشرتي طريقن ۾ عظيم الشان اصولي تبديلي ظاهر ٿي. هنن جي تهذيب ۽ تمدن جو روح ۽ شڪل بنهي ۾ هڪ اهڙي انقلابي تبديلي اچي ويئي جنهن فقط عرب جي ئي نه، بلڪ دنيا جي تاريخ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو. هنن ماڻهن اڪيلي سر ۽ قوم مجموعي طور سوچڻ جو هڪ نئون انداز، ورتاءَ جو هڪ نئون طريقو ۽ زندگي جو هڪ نئون مقصد اختيار ڪيو جنهن سان اهي پنهنجي سوين سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن آشنا ڪين ٿيا هئا، صدين جي طوائف الملوڪي ختم ڪري انهيءَ ملڪ کي هڪ سياسي نظام جي تحت آڻڻ به ننڍو ڪارنامو ڪونه هو، پر انهيءَ کان هزار درجا وڏيڪ وڏو ڪارنامو فڪري، اخلاقي، تهذيبي ۽ تمدني انقلاب هو، پر افسوس آهي جو تاريخ نويسيءَ جي هڪ غلط طريقي انهيءَ عظيم تبديلي کي محض جنگين جي نتيجي جي حيثيت سان پيش ڪيو ۽ فرنگي مستشرقين انهيءَ تي خوب دهل وڄايو ته اسلام رڳو تلوار جي زور سان ڦهلايو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهي سڀ جنگيون ت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي اصلاحي اسڪيم کي انهيءَ معاشري ۾ عملي جامو پهرائڻ شروع ڪيو ته حالتون هڪدم بدلجي ويون. هاڻي ماڻهن اڳين سان ڏٺو ته هتي ڪهڙو نه امن امان آهي، ڪهڙي نيڪي ۽ خدا ترسي آهي، ڪهڙي سچائي ۽ ايمانداري آهي، هتي ڪهڙي عدالت تائين تي ۽ ڪهڙي طرح اوچ نيچ کي برابر ڪيو ويو آهي، هتي ڪيئن اخوت ۽ مساوات قائم ڪئي ويئي آهي، هتي ڪهڙيءَ طرح معاشي زندگيءَ جي مشڪلاتن، مونجهارن ۽ خرابين کي ختم ڪيو ويو آهي، هتي ڪيترو نه پاڪ ۽ صاف سٿرو ۽ ڪيتري نه اعليٰ درجي جو معاشرو تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو سڀني اخلاقي گندگين کان پاڪ آهي! هاڻي اڪيون بند ڪندڙ انسانن لاءِ اهو ممڪن نه رهيو ته هو انهيءَ روشنيءَ جو انڪار ڪن، جنهن کي اهي ظاهر ظهور پنهنجي سامهون ڏسي رهيا هئا.

اهي جاهليت واري زماني کي به ڏسي چڪا هئا، جڏهن انسان کي انسان کائي رهيو هو. جڏهن قتل ۽ خونريزي جي بازار گرم هئي ۽ ماڻهو شراب، زنا، جوا، چوري، ڌاڙي ۽ هر طرح جي اخلاقي فساد ۾ غرق هئا ۽ هاڻي ان امن، انصاف، نيڪي، شرافت ۽ اخلاقي پاڪيزگي کي به انهن جون اکيون ڏسي رهيون هيون، جنهن جي نور سان مديني جو سڄو ماحول چمڪي پيو ان کان پوءِ ڪي ٿورڙا اهڙا ماڻهو باقي رهجي ويا هئا، جن

تهذيب و تمدن جو نمونو هو ۽ جنهن جي رياست جو سڄو نظام اسلام جي قانونن تي هلي رهيو هو. اها سڄي قوم اسلام لاءِ جيئڻ ۽ اسلام لاءِ مرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي ۽ دنيا ۾ خدا جو ڪلمو بلند ڪرڻ کي ان پنهنجو قومي نصب العين بڻائي ڇڏيو. ان جي رياست جي وجود جو مقصد ئي اهو ٺهرايو ويو ته جتي ان کي اقتدار حاصل آهي، اتي اسلام جي اصولن تي زندگيءَ جو نظام هلائي ۽ جتي انکي اقتدار حاصل نه آهي، اتي اسلام جي دعوت ڦهلائي. اهڙي دنيا ۾ هڪ سڄي قوم اهڙي تيار ٿي ويئي جيڪا پاڻ اسلام تي هلندڙ هئي ۽ زمين تي اسلام ڦهلائڻ ان جو قومي مشن هو. هڪ مڪمل رياست اهڙي وجود ۾ آئي ويئي جيڪا هڪ طرف پنهنجي داخلي نظام ۾، اسلام جي اصولن جو پورو عملي مظاهرو ڪري رهي هئي ۽ ٻئي طرف اها سڄي دنيا ۾ اسلام جي علمبردار هئي.

اهڙي هڪ قوم ۽ اهڙي هڪ رياست بڻجي وڃڻ کان پوءِ جهڙي طرح خلافت راشده جي زماني ۾ اسلام ڦهليو آهي تنهن لاءِ تاريخ ۾ "الفجار" (ڌماڪو EXPLOSION) جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، يعني جيئن هڪ بم ڦاٽندو آهي، اهڙيطرح اسلام دنيا ۾ ڦهلجڻ شروع ٿيو ۽ ٿورن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سالن جي اندر اهو ته سنڌي ٿي ڏسنديءَ افغانستان ۽ ترڪستان کان وٺي اتر آفريقا تائين هڪ وهندڙ سيلاب وانگر ڦهلجي ويو. اهو حيرت انگيز ”الفجار“ آخر ڪهڙي چيز جو نتيجو هو؟ اڄ به اوهان وٽ ڏسو ته عرب جا ماڻهو ڪيتري قدر طاقتور آهن. اهو به ڏسو ته عرب جي سرزمين ۾ ڪيترا وسيلا ۽ ذريعا موجود آهن، تيل جو ذڪر نه ڪيو، اهو ته هاڻي نڪتو آهي، ان کي ڇڏي ڏسو ته اتي ڇا رکيو آهي؟ اهو به ڏسو ته عربن جو تعداد ڪيترو آهي، شايد هن وقت سڄي عرب اپبيت جي آبادي هڪ ڪروڙ کان به گهٽ آهي ۽ خلافت راشده جي زماني ۾ ته پڪ ٿي پڪ گهٽي گهٽ هوندي. هڪ اهڙي قوم جو زمين جي ايتري وڏي رقبي تي ايئن اوچتو حاوي ٿي وڃڻ، درحقيقت مادي طاقت ۾ برتر هئڻ جو نتيجو ڪونه هو. اصلي شيءِ جنهن دنيا کي قبضي ۾ آندو سا سڄي مسلمان قوم جو ۽ ان جي هڪ هڪ مسلمان فرد جو اهو رويو هو، جيڪو صلح ۽ جنگ ۾ فتح ٿيل علائقن جي نظم ونسق ۾ مفتوح قومن جي ماڻهن سان ورتاءُ ۾ ظاهر ٿيندو هو.

ايران ۽ روم جي سلطنتن جي ماتحت جيڪي ماڻهو رهندا هئا، تن پنهنجن اکين سان ڏٺا، پر ڪٿ هن تصور ۾ به اهي گورنر نه ڏٺا هئا، جيڪي رستن تي پياده هلندا هجن، عام ماڻهن وانگر

ٿا، ۽ ان جي پيروي ڪرڻ چاهين ٿا. وري مسلمانن ۾ اڄ تائين خيال ۽ عمل، سيرت ۽ اخلاق جي جيڪا به پلائي ڏني وڃي ٿي، اها سڀ انهيءَ ابتدائي دور جي اثر مان باقي بچيل اٿو آهن، جيڪي تيرهن صدين کان پوءِ به پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا. ان جي معنيٰ اها آهي ته اسان جي تاريخ جو اهو مرحلو اهڙو نه هو، جو ان جو نيو بالڪل ضايع ٿي ويو هجي ۽ ان جا اثر بالڪل ختم ٿي ويا هجن. نه، اڄ به اسلام جي اندر جيڪا حرڪت ڏني وڃي ٿي، اها سڀ انهيءَ تحريڪ جي نتيجي ۾ ڏني وڃي ٿي.

## ٻيو مرحلو

### بادشاهي دور ۽ ان جا اثر

ان کان پوءِ ٻئي مرحلي کي وٺو. اسان جي تاريخ جو اهو ٻيو مرحلو ان وقت شروع ٿيو، جڏهن اسلام نهايت تيزيءَ سان دنيا جي چئني ڪندن ۾ پکڙجي ويو ۽ ايتري وڏي تعداد ۾ خدا جي خلق مسلمان ٿي، جو ابتدائي شعوري مسلمانن لاءِ ايتري وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي تربيت جو انتظام ڪرڻ مشڪل ٿي ويو. ان جي باوجود بهترين اخلاق وارا ماڻهو موجود هئا ۽ انهن جي زندگين، سيرت ۽ ڪردار ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عملن کي ڏسي ماڻهو اسلام جا شيدائي بنجي سچي دين کي قبول ڪري رهيا هئا. ۽ " يَدۡخُلُوۡنَ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا " جو منظر ماڻهن جي اکين آڏو عملي صورت ۾ موجود هو پران ڳالهه جو امڪان ڪو نه هو ته اهي لکين ۽ ڪروڙين ماڻهو جيڪي اسلام جي دائري ۾ اچي رهيا هئا، انهن سڀني جي زندگين ۾ به اهڙو ئي انقلاب پيدا ڪري سگهجي ها، جهڙو اسلام جي ابتدائي ڏينهن ۾ ظاهر ٿيو هو. انهيءَ سبب ڪري مسلمانن جي آبادي ۾ آهستي آهستي اهڙن ماڻهن جو تعداد گهٽبو ويو، جيڪي صحيح معنيٰ ۾ پورا پورا مسلمان هجن ها ۽ اسلام کي سمجهيو هجين ها ۽ انهن جي زندگي ٺيڪ ٺيڪ اسلام جي اصولن مطابق هجي ها. هڪ طرف ته اهڙن ماڻهن جو تعداد نسبتاً گهٽ ٿيندو ويو، جيڪي اسلام جو پوريءَ طرح فهم رکندي ان تي عمل ڪندڙ هجن ها ۽ ٻئي طرف انهن ماڻهن جو تعداد روز بروز وڌندو ويو جيڪي جيتوڻيڪ اسلام جا معتقد بنجي آيا هئا ۽ انهن اسلام کي ايمانداريءَ سان قبول ڪيو هو پر انهن جو اخلاق ۽ سندن سيرت ۽ ڪردار ٺيڪ ٺيڪ اسلام جي سانچي ۾ نه ڍلجي سگهيا ۽ هنن کي دين جو پوري طرح فهم حاصل ڪو نه هو. انهيءَ ڳالهه جي نتيجي ۾ هڪ ٻيو انقلاب رونما ٿيو ۽ اهو هن شڪل ۾ آيو ته خلافت بادشاهيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ تبديل ٿي ويئي[1]

خلافت جي بادشاهيءَ ۾ تبديل ٿيڻ جا گهڻائي سبب بيان ڪيا ويندا آهن پر منهنجي نظر ديڪ اصلي سبب اهو ٿي هوته مسلم معاشري ۾ اسلام جو فهم رکڻ وارا مسلمان تمام گهٽ ٿيندا ويا ۽ اهڙا مسلمان جيڪي نيڪ اسلام جي مطابق سيرت ۽ ڪردار رکندا هجن تن جو تعداد روزبروز وڌيڪ گهٽ ٿيندو ويو. ان جي ابتڙ اهڙن ماڻهن جو تعداد جيڪي اسلام جو زياده فهم رکندڙ نه هئا ۽ جن جي سيرت پوري طرح اسلامي تعليمات جي مطابق نه هئي ، اهڙو زياده وڌي ويو جو سندن ناسمجهيءَ ۽ نادانيءَ جي اثر کان مسلم معاشري کي بچائي نه پيو سگهجي. ان کان سواءِ سندن اخلاقي ڪمزورين جي اثر کان به مسلم معاشرو محفوظ رهي نه پيئي سگهيو. انهيءَ ڳالهه جي نتيجي ۾ خلافت جي جاءِ تي ملوڪيت اچي ويئي. اهو مرحلو ڪيترين ئي صدين تائين اسان جي تاريخ ۾ رهيو آهي - منهنجي لاءِ ممڪن نا هي ته هن تقرير

---

[1] انهيءَ موضوع جي تفصيلي مطالعي لاءِ ڏسو "خلافت ۽ ملوڪيت" از مولانا ابوالاعليٰ مودودي ۽ رسائل ومسائل - جلد اول (مرتب)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ٿي ويئي، جيڪا اسلام جي هندستان ۾ دور جي سچي تاريخ ۾ نظر اچي ٿي. بيشڪ، اسانجو بادشاهي دور به ٻين قومن جي بادشاهي دور کان گهڻي قدر بهتر رهيو جيتوڻيڪ ملوڪيت پنهنجي پٺيان گهڻي ئي خرابيون وٺي آئي، پر ڀوري به اسانجي تاريخ ۾ اهو اونداهو دور ڪٿي به نظر نه ٿو اچي، جيڪو ٻين قومن جي تاريخ ۾ سيني کان وڌيڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. بلڪ آءٌ هن ڳالهه جو داد ڏيان ٿو ته مسلمانن جي تاريخ ۾ ايترا ته صالح بادشاه گذريا آهن جو دنيا جي ٻي ڪنهن به قوم ۾ ايترا صالح بادشاه پيدا نه ڪيا. پر انهيءَ بادشاهي نظام ۾ جيڪي صالح ماڻهو گذريا آهن. تن کي دل کولي خراج تحسين ادا ڪرڻ جي باوجود آءٌ ائين چوندس ته مجموعي طور انهي نظام جا لازمي ۽ فطري نتيجا ۽ اثر نقصان ڪار هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو حڪومتون اسلام جي علمبرداريءَ کان دستبردار ٿي ويون ۽ عملي طور اهي اسلام جو ڪلمو بلند ڪرڻ واريون نه رهيون ۽ انهن جو ڪم وڌيڪ حد تائين ملڪ فتح ڪرڻ ۽ خراج وصول ڪرڻ رهجي ويو. نيٺ ان جو نتيجو اهو نڪتو جيڪو اڄ اسين پنهنجي موجوده حالت ۾ ڏسون ٿا. اڄ اوهان مان ڪيئي ماڻهو انهن علائقن مان هجرت ڪري هتي آيا آهن، جن علائقن ۾ اٺ سؤ سالن تائين مسلمانن جي حڪومت رهي. دهلي ۽ ان جي پسگردائي وارا علائقا، مشرقي پنجاب جو علائقو، يو.پي جو علائقو، اهي سڀ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي صدقي اوهان کي هي اعليٰ درجي جي زندگي ۽ اخلاق حاصل ٿيا آهن، اهو شخص ۽ ان جهڙا سوين ٻيا ماڻهو انهن کي ڪلمو پڙهائين ٿا. هنن جا نالا تبديل ڪن ٿا ۽ هنن کي اسلامي زندگي جا ضروري آداب ۽ انداز سيکارين ٿا. ان کان وڌيڪ اهي ويچارا ڇا ڪري سگهن؟ ان کان پوءِ مسلمان حڪومتن کي پنهنجي ذمه داري محسوس ڪرڻ گهرجي ها. پر افسوس جو حڪومتن انهيءَ معاملي ۾ پنهنجو فرض محسوس نه ڪيو. ملت جي مخير حضرات پنهنجي پنهنجي زماني ۾ بيشڪ اوقاف قائم ڪري انهيءَ معاملي ۾ ڪجهه انتظام ڪيا. هنن مدرسا قائم ڪيا ۽ پنهنجي حد تائين تعليمي سهوليتون موجود ڪري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر جيستائين حڪومت انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي ذمه داري محسوس نه ڪري ها ۽ عام آبادي جي تعليم جو فڪر نه ڪري ها تيستائين ظاهر آهي ته انهن ماڻهن کي به، جيڪي انهيءَ وقت تائين اسلام قبول ڪري چڪا هئا پوري طرح ۽ عملي طور مسلمان بنائڻ ۽ جاهليت جي رسمن کان پاڪ ڪرڻ ممڪن نه هو.

اڄ توهان جنهن حال ۾ آهيو انهيءَ حالت ۾ به اهو نيو نظر اچي رهيو آهي، جيڪو انهيءَ مرحلي جو آهي. توهان جي عام آبادين ۾ ڪروڙين مسلمان آهن، جن به توهان ڏسو

کي ملڪ فتح ڪري ڏيڻ وارا به مليو ويا ۽ هٿان ئي مفتوح ملڪ جو انتظام هلائڻ وارا به مليو ويا. ڪنهن کي به اهو احساس ڪونه هوته اسان ڪنهن جي لاءِ ڪهڙو ملڪ فتح ڪري رهيا آهيون ۽ ڪنهن جي لاءِ ڪهڙي ملڪ جو انتظام هلائڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهيون، اهو هن ڪري هوجو سڀ وفاداريون ختم ٿي چڪيون هيون. هڪ آخري وفاداري الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ ان جي دين جي هئي سوان کي به ختم ڪيو ويو هو. نيٺ جيڪا چيز باقي رهجي ويئي، سا فقط نفس جي وفاداري هئي ۽ نفس جي وفاداري ئي ماڻهوءَ کي اهڙن ڪمن تي آماده ڪري سگهندي آهي.

اهڙي طرح سان آخرڪار، فليپائين کان وٺي مراڪش تائين سڀ مسلمان رياستون ختم ٿينديون ويون ۽ مغربي سامراج انهن جي مٿان سوار ٿيندو ويو. مغربي سامراج جو اوهان جي مٿان چڙهجڻ ڪو حادثو نه هي، ڪو اتفاقي واقعو نه هي. درحقيقت ان جا گهرا تاريخي سبب آهن هتي موقعو ڪونهي جو مان سڀني تاريخي سببن جو جائزو وٺان. مختصر طور اوهان جي آڏو خاڪو پيش ڪريان ٿو ته انهي ئي مرحلي ۾ ڪهڙا سبب هئا جن ڪري اوهان تنزل جي مرحلي ۾ داخل ٿيا ۽ اهو ٽيون مرحلو اهو هو ته سڀ مسلمان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومون، بنان ڪنهن استثناجي مغربي سامراج جو شڪار ٿي ويون. جيڪڏهن ڪي به يا ٿي قومون باقي رهجي به ويون ته اهي مفتوح ٿيڻ ڪان بد ويڪ خراب پوزيشن ۾ هيون، جيڪڏهن ترڪي، ايران ۽ افغانستان بچي به ويا ته به مفتوح ملڪن جي پوزيشن کان بد تر حالت ۾ هئا.

## ٽيون مرحلو

### غلاميءَ جو دور ۽ ان جا اثر

هاڻي هن ٽئين مرحلي کي ڏسو ته ان ۾ اسان ڪهڙين حالتن مان لنگهيا آهيون. ان جي متعلق زياده تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ناهي، ڇاڪاڻ ته اجا اوهان کي انهيءَ مرحلي مان گذرئي پندرهن سال ٿيا مس ٿيا آهن (هي تقرير سنه ١٩٦٢ ۾ ڪئي ويئي). تمام ٿورائي ماڻهو اهڙا رهجي ويا ۽ اهي به ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي ملڪي ورهاڱي وقت ننڍا ٻار هئا، جيڪي شروع کان ئي نه ٿا ڄاڻن ته ان کان اڳي ملڪ جون حالتون ڪهڙيون هيون، نه ته جيڪي جوان آهن تن سيني ته ذري گهٽ اهو زمانو ڏٺو آهي. آءٌ فقط مختصر طور انهيءَ باري ۾ اوهان جي اڳيان ڪجهه عرض ڪريان ٿو.

اسان جي تاريخ جي انهيءَ مرحلي ۾ مغربي سامراج

ان سان گڏو گڏ هنن اهو به ڪيو ته ترقين جا جيڪي به امڪان هئا، سي سڀ جو سڀ انهن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيا ويا، جيڪي تعليم جي انهيءَ نظام جي تحت تعليم حاصل ڪندا هئا. هنن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جنهن جو مطلب اهو نڪري رهيو هو ته جيڪڏهن دنيا ۾ وڌڻ ويجهڻ چاهيو ٿا، بلڪ ايتري قدر جو جيڪڏهن دنيا ۾ جيئرا رهڻ چاهيو ٿا ۽ پنهنجي ڀلائي جا خواهشمند آهيو ته توهان جي لاءِ هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته توهان پنهنجن ٻچن کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو ته اسان توهان جي نسلن کي توهان جي دين کان بيگانو ڪري ڇڏيون. اهو ڪم هنن تمام وڏي پيماني تي ۽ سڀني ملڪن ۾ ڪيو. مشرق کان مغرب تائين هو جتي به ويا اتي هنن انهيءَ ڪارنامي کي سرانجام ڏنو. خواهه انگريز هجن، خواهه بيلجين هجن، فرينچ هجن توڙي جرمن هجن ۽ مطلب ته جنهن مسلمان ملڪ تي جيڪا به مغربي قوم مسلط ٿي، تنهن هرهنڌ انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏنو.

ان کان پوءِ جيڪي ماڻهو تعليم جي انهيءَ نظام مان فارغ ٿي نڪرڻ وارا هئا، انهن کي پنهنجي نظم و نسق ۾ ۽ ملڪ جي معاشي زندگيءَ جي نظام ۾ جڳهه ڏيڻ لاءِ عملي

طور جيڪا پاليسي اختيار ڪئي، سا اها هئي ته جيڪو ماڻهو اسلام جي اثر ڪان جيترو وڌيڪ خالي هجي، تنهن کي اوترو ئي وڌيڪ بلند مرتبن تي فائز ڪيو وڃي. انهيءَ ڳالهه کي يا قاعده قانون جي شڪل ۾ نافذ ته ڪونه ڪيو ويو ۽ نه ئي حقيقت ۾ ان کي لکت ۾ آڻڻ جي ضرورت هئي ۽ نه وري اهائو ڪرڻ جي قاعدن قانونن ۾ درج ڪرڻ واري ڳالهه هئي، بس، عملي رويو ۽ اجتماعي مجموعي حيثيت ۾ اهڙي هئي ته ماڻهو جيترو وڌيڪ اسلام جي اثر ڪان خالي ۽ مغربيت جي رنگ ۾ جيترو وڌيڪ رنگيل هجي، اوترائي وڌيڪ ترقيءَ جا موقعا هن لاءِ موجود هجن. اهڙي طرح سان هن آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي هيءُ ڪوشش ڪئي ته جيئن جيئن به مسلم معاشرو موجود هو اتي سڀني ڪان وڌيڪ اوچن منصبن (Top Positions) تي اهي ماڻهو اچي وڃن، جيڪي عملي طور مسلمان نه هجن، يعني نالو مسلمان جو هجي، پر عملي طور مسلمان نه هجن. نتيجو اهو ٿيو ته اشاڙسون ٿاته ٿوري ئي عرصي بعد جيڪڏهن نظم ونسق آهي ته ان ۾ وڏا وڏا مرتبا انهن وٽ ئي رهيا جيڪڏهن معاشي زندگي آهي ته ان جا اهم ترين هنڌ انهن لاءِ هئا ۽ اها پاليسي سڀني مسلمان ملڪن ۾ رهي. تو هان جتي به وڃي ڏسندا اتي تو هان کي اهائي

جي ديني جذبي کي ٿي اپيل ڪري ڪمڪذيو ۽ آزاديءَ جون جيتريون به لڙايون ڪئيون ويون، سي سڀ انهيءَ طريقي سان ڪئيون ويون آهن.

## چوٿون دور

### آزاديءَ کان پوءِ

اهڙيءَ طرح سان ٽيون مرحلو ختم ٿيو ۽ هاڻي اسان چوٿين مرحلي ۾ داخل ٿيون ٿا. انهيءَ مرحلي ۾ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ سڀ مسلمان ملڪ آزاد ٿي ويا.

انهيءَ چوٿين مرحلي ۾ پوڻ بيشڪ هي آهي ته هر هنڌ حڪمراني ۽ معاشي زندگيءَ جون واڳون انهن ماڻهن جي هٿ ۾ آهن، جيڪي دين جي شعور کان خالي ۽ دين جي سمجهه کان عاري آهن، بلڪ جن جي نگاهه ۾ مسلمانن جون سڀ روايتون حقير ۽ ذليل آهن، جيڪي ائين سمجهن ٿا ته جيڪڏهن اسان ديني زندگي اختيار ڪئي ۽ پنهنجي قدرن ۽ اصولن جي پيروي ڪئي ته اسين هن دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ٿي وينداسون ۽ اسان جي ڪا به قدر ۽ قيمت نه رهندي ۽ انهيءَ صورت ۾ اسين ترقي ڪري ئي نه ٿا سگهون. جيڪڏهن اسين ترقي ڪري سگهون ٿا ته مغربي خيالن ۽ نظرين جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيروي سان ڪري سگهون ٿا. انهن ماڻهن جاسوچيل سمجهيل نظريا اهي ئي آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي سچي تعليم ۽ تربيت ملي ئي انهيءَ شيءَ جي آهي. انگريزن جي زماني ۾ اهڙن ئي ماڻهن کي آئي مٿان ويهاريو ويو هو ۽ اڄ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سربراهيءَ جي منصب تي اهي ئي ماڻهو آهن ۽ اها صورتحال عام مسلمان ملڪن ۾ موجود آهي. آزادي جي جنگ ته اسلام جي نالي ۾ لڙي ويئي ۽ جڏهن مسلمانن جانيون قربان ڪري آزادي حاصل ڪئي ته ان کان پوءِ جنهن شيءِ جو سيني کان اول شڪار ڪيو ويو اهو خود اسلام هو.

پاڪستان جي جنگ پڻ اسلام جي نالي تي لڙي ويئي پر ڪاميابي کان پوءِ اسلامي قانون کان بچڻ لاءِ حڪمران گروه جيڪي ڪارناما ڪيا، سي سڀني جي سامهون آهن.

هن وقت تازه ترين صورتحال الجزائر جي سڀني جي سامهون آهي. اڄهو هائي لکن مسلمانن جانيون لڙائي ۽ قربانيون ڏيئي آزادي حاصل ڪئي. ان کان پوءِ جيڪا خوشخبري انهن کي ٻڌائي ويئي سا هيءَ هئي ته الجزائر هڪ "سيڪولر سوشلسٽ اسٽيٽ" هوندي. اهو ڪيل ترڪيءَ ۾ ڪيڏيو ويو. ساڳيو ئي ڪم، تيونس ۽ مصر ۾ ڪيو ويو. ڪهڙو مسلمان ملڪ آهي جتي اهو کيل نه کيڏيو ويو هجي؟ تيونس جو ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال وٺو! مسلمانن کي دين جي نالي ۾ پڪاريو ويو. دين جي نالي ۾ ئي مسلمانن قربانيون ڏنيون ۽ آخرڪار جڏهن آزادي حاصل ٿي ته بورقيبه صاحب مسلمانن کي هي خبر ڏنائي ته رمضان جي مهيني ۾ روزي رکڻ سان پيداوار (Production) گهٽجي وڃي ٿي. اها ڳالهه جيڪا روس ۾ ڪميونسٽ مسلمانن جي ضد ۾ ڪوڪيندا رهيا ته اها ئي ڳالهه تيونس ۾ بورقيبه صاحب مسلمانن کي ٻڌائي ته جيڪي ماڻهو پروڊڪشن جو ڪم ڪن ٿا، سي روزا نه رکن. هاڻي ظاهر ڳالهه آهي ته پوڙها ته روزي رکڻ جي قابل ناهن ۽ جوان جيئن ته پروڊڪشن جو ڪم ڪندا آهن ان ڪري اهي روزا نه رکن

اهو هڪ طبقو آهي جنهن جي هٿن ۾ اختيارات آهن ۽ طاقت آهي، ٻيو طبقو مسلمان ملڪن ۾ اهو آهي جيڪو مذهبي طبقو سڏجي ٿو. انهي طبقي وٽ دين جو علم آهي. اهي ماڻهو ڄاڻن ٿا ته خدا ۽ رسول جا حڪم ڪهڙا آهن. انهن کي خبر آهي ته تهذيب ڇا آهي پر انهن کي ڪا به تعليم ۽ تربيت انهي نوعيت جي نه مليي جنهن جي آڌار تي مسلمان هي توقع رکن ته پهرين طبقي جي هٿ مان اختيار کسي جيڪڏهن هو انهي طبقي جي حوالي ڪن ته اهو قومي معاملن کي هلائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته رشوت کي ڇو نه ٿو سمجهن؟ مطلب ته هڪ هڪ ڳالهه
هن کان پڇندا وڃو. اوهان کي معلوم ٿيندو ته هنن جا
قدر (Values) بلڪل نه بدليا آهن. هنن جون عادتون
بگڙجي ويون آهن، هنن جو ڪردار بگڙجي ويو آهي، هنن جي
اخلاق جو ته ديوالو نڪري ويو آهي، پر هنن جا قدر بلڪل نه
بدليا آهن. اهي قدر ته ماءُ جي کير سان گڏ هنن کي مليا آهن.
اهي هنن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهن هڪ عام مسلمان کان
پڇو ته ادا جيڪڏهن هڪ عورت اڌ اگهاڙي لباس ۾
اسٽيج تي نچي ته ڇا اها اسلامي تهذيب آهي؟ هي ڳالهه
هن جي ذهن ۾ ڪڏهن به نه ٿي اچي سگهي ته اها اسلامي
تهذيب آهي. هو جاهل آهي، هن ويچاري قرآن به سمجهي
نه پڙهيو آهي، هو حديث کان به ناواقف آهي پر آ خر مدين
کان اسلامي تهذيب جي متعلق جيڪي تصور پکا هليا پيا
اچن، تن جا اثر هڪدم ڪيئن ختم ٿي ويندا؟ هو پنهنجي
ڪم علمي جي باوجود پنهنجن روايتن جي روشنيءَ ۾ حالتن
کي ته سندو ۽ رايا قائم ڪندو، اهوئي سبب آهي جو هڪ عام
مسلمان جي حالت اها آهي ته اسلام جو هڪ خلاصو هن جي
ذهن ۾ آهي. هڪ چيز کان ٻئي چيز تائين تو هان
سڀني مسلمان ملڪن ۾ هليا وڃو هر هنڌ عوام جو اهوئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال آهي. پاڪستان، ترڪي، ايران، مصر، الجزائر جنهن هند ۾ به ويندا، اتي اوهان کي سندا ته هڪ عام مسلمان انهن ڏي قدرن جو قائل آهي ۽ هو ڇڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته اهي قدر ڇا آهن؟ ڪنهن طرح سان به هن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهه نه ٿي ويهاري سگهجي ته اهي اسلامي قدر نه آهن.

وري اها ڳالهه ته هو اسلام کي نه ٿو ڄاڻي مگر آهي ان جو عاشق. تازي تاريخ ۾ سيني کي سي ور تو آهي ته اسلام جي نالي تي هن کي اپاريو ويو آهي ۽ هر ملڪ ۾ اسلام جي نالي کانسواءِ ڪنهن ٻئي نالي تي توهان هن کي هرگز اپاري نه ٿا سگهو. هو جيڪڏهن جان ڏيئي سگهي ٿو ته هن اطمينان جي آڌار تي ڏيئي سگهي ٿو ته آءٌ خدا جي راهه ۾ جان ڏيئي رهيو آهيان ۽ جنت ۾ ويندس. جيڪڏهن هن کي اهو يقين نه هجي ته پوءِ ڪانئر کان وڌيڪ بزدل به بيو ڪو نهي. پوءِ هو جان ڏيئي نٿو سگهي. اهو عام مسلمان جو حال آهي. هاڻي جيڪا سيني مسلمان ملڪن جي بدقسمتي آهي سا اها آهي ته جنهن طبقي جي هٿن ۾ مسلمانن جي حڪومت اچي ويئي آهي، سو پنهنجي قوم جي خواهشن ۽ جذبن جي بلڪل خلاف ابتي رخ ۾ سڄي قومي زندگيءَ کي زبردستي گهلي وڃي ٿو چاهي ۽ ڪنهن جڳهه تي هو مجبور ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلام جو نالو ته وٺي ٿو پر اسلام جي معنيٰ ۽ مقصد کي بدلائي ڇڏي ٿو. اها ئي مغربي تهذيب آهي، پر ان جي هتان هو اسلام جو نيو لڳا ئي هلائڻ چاهي ٿو. ۽ مسلمان عام مسلمان ايترا انڌا ۽ بيوقوف ڪيئن جو هڪ صاف غير اسلامي شيءِ کي هنن جي سامهون آڻي اسلامي قرار ڏنو وڃي ۽ هو انکي اسلامي تسليم ڪن. نه فقط پاڪستان ۾ بلڪ هر مسلمان ملڪ ۾ پوزيشن اها ئي آهي. هڪ مغرب زده طبقي جي هٿن ۾ حڪومت آهي ۽ ان جي هٿ ۾ اسان جي معاشي زندگيءَ جون ڪنجيون آهن ۽ هو زبردستي پنهنجي قوم کي ڇڪي مغرب جي رستي تي آڻڻ گهري ٿو. پر قوم آهي جا تبديل نه ٿي ٿئي. حقيقت اها آهي ته جنهن طرح جا شديد ظلم مسلمان قوم کي نا مسلم بنائڻ لاءِ روس يا ترڪيءَ ۾ ڪيا ويا، تنهن جو اسان هن ملڪ ۾ رهندي تصور به نه ٿا ڪري سگهون. ترڪيءَ ۾ هزارين ماڻهو فقط هن ڪري ماريا ويا ته هو ٽوپي تبديل ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. اهو به ڄڻ گويا هڪ تمام وڏو سڌارو (Reform) هو ته ماڻهو ڪنهن طرح پنهنجي ٽوپي تبديل ڪن. انگريزي ٽوپ ملڪ ۾ موجود نه هئا ته يورپ جي ملڪن کان ردي ڪيل مال درآمد ڪيو ويو، فقط هن غرض لاءِ ته ماڻهن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوپ فراهم ڪيو وڃي. انهيءَ سڌاري جي خاطر مارشل لا لڳايو ويو. اهي سڀ ظلم ۽ ستم ڪيا ويا. مگر اڄ به توهان ڏسي ونو ته عام ترڪ اهڙو ئي مسلمان آهي جهڙو اڳي هو. هن جي اندر ڪا به ڦير ڦار ڪا نه ٿي آهي. صاف ظاهر آهي ته اهي ماڻهو پنهنجي قوم کي تبديل (Convert) نه ٿا ڪري سگهن، انهن کي نا مسلم نه ٿا بنائي سگهن، ان جي اندر ڪفر نه ٿا لاهي سگهن، جا هي پنهنجو سڄو زور ڏئي ڇو نه لڳا ئين.

ها ٿي جيڪا پور يين آهي سا هيءَ آهي ته قوم جيڏانهن وڃڻ چاهي ٿي، تيڏانهن حڪومت ان کي وڃڻ نه ٿي ڏئي ۽ حڪومت جيڏانهن وني وڃڻ چاهي ٿي، تيڏانهن قوم وڃڻ نه ٿي چاهي. هڪ مستقل ڇڪتاڻ آهي، جيڪا سڀني مسلمان ملڪن ۾ موجود آهي. "اسلام ٽو ڊي" (Islam today) اهو ئي آهي.

مسلمان قوم کي نا مسلم بنائڻ لاءِ سڀني مسلمان ملڪن ۾ زور لڳايو پيو وڃي. تعليم جو نظام اهڙو نافذ ڪيو پيو وڃي، ته جيئن انهن جي اندران اسلامي قدرن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي، هنن جي اخلاق جو ستيا ناس ڪيو وڃي، هنن کي اهڙي تربيت ڏني وڃي جيڪا کين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن روايتن کان بيگانو بنائي ڇڏينديون. عوام الناس ۾ اهو ڪلچر ڦهلائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي وئي، جنهن سان ان جا رهيل ڪهيل اخلاق به برباد ٿي ويندا. هنن ۾ مغربي علوم رائج ڪيا پيا وڃن. انهن سڀني شين جو حاصل جيڪڏهن ڪجهه ٿي سگهي ٿو ته فقط اهو ته مسلمانن جي سيرت ۽ ڪردار روز بروز گهٽجي ويندي ۽ هو هڪ (Character less) قوم بنجي ويندي. ائين ته ٿي سگهي ٿو، پر اهو نه ٿو ٿي سگهي ته هو ڪفر کي ڪنهن طرح به اسلام ڪري مڃين، يا اسلام کي جاڻي ٻجهي ترڪ ڪري ڇڏين ۽ هڪ سيڪيولر (لاديني) اسٽيٽ لاءِ تيار ٿي وڃن.

هاڻي ان جو خميازو مسلمان ملڪ ڪهڙو پوگي رهيا آهن. تنهن جو اندازو توهان سڀني مسلمان ملڪن جي ترقيءَ جي رفتار کي ڏسي ڪريو! سڀني مسلمان ملڪن کي ڏسي وٺو! ڪنهن به ميدان ۾ ڪا خاص ترقي آهي؟ وهان کي نظر ڪانه ايندي. ترڪي ته سنه ١٩٢٤ کان باقاعده آزاد رياست جي حيثيت سان موجود آهي، پر ذرا ڏسو ته سهين ته اتي ڪيتريون انڊسٽريون آهن؟ واپار جو ڪهڙو حال آهي؟ جيتري مدت ترڪيءَ کي ملي آهي، اوتري مدت جپان کي به ملي هئي ۽ اهو ڪٿان ڪٿي پهچي ويو آهي. ذرا ترڪي کي ڏسو ته ان ڪيتري

ان کي اوڏانهن وڃڻ نه ڏئي ۽ حڪومت جنهن طرف قوم کي وٺي وڃڻ چاهي قوم انهيءَ طرف وڃڻ نه چاهي. فرض ڪريو ته اهڙي قوم جيڪڏهن بغاوت نه به ڪري، ته ڏهن به ان جو عدم تعاون ئي تباهه ڪن آهي. ان جو نا رضامند هئڻ بجاءِ خود خطرناڪ آهي.

اهو آهي " اسلام نئون ڏي" هاڻي آءٌ اوهان جي سامهون مختصر طور هي عرض ڪندس ته انهيءَ " نئون ڏي" کان پوءِ " نئون ماڙو" (Tomarrow) چا هئڻ گهرجي؟

سيني مسلمان ملڪن جي مستقبل جو انحصار آهي هن ڳالهه تي ته آخرڪار هتي اسلام جي باري ۾ ڪهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو؟ جيڪڏهن اسلام جي باري ۾ منافقانه طرز عمل جي صورت مسلمان ملڪن ۾ جاري رهي ۽ اهو دشمني وارو رويو انهيءَ طرح سان روا رکيو ويو ته مون کي خوف آهي ته مسلمان قوم گهڻي وقت تائين پنهنجي آزاديءَ کي برقرار رکي نه سگهندي ۽ وري غلام بڻجي ويندي ۽ اڳي کان وڌيڪ خراب پوزيشن ۾ وڃي ويندي. البت هاڻي به جيڪڏهن انهن ماڻهن کي عقل اچي، جيڪي مسلمان قوم جا معاملا هلائي رهيا آهن ۽ مسلمان ملڪن ۾ صحيح قسم جي جمهوريت قائم ٿي وڃي ته اهي پنهنجي مرضيءَ سان ماڻهن کي چونڊي انهن کي اقتدار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن ۾ هتي اسلام جي منشا، ان جي تهذيب ۾ اصولن مطابق حڪومت جو نظام، معيشت جو ۽ تعليم جو نظام رائج ڪيو وڃي ته منهنجو خيال آهي ته تمام جلدي مسلمان قومون تمام وڏي طاقت بڻجي وينديون. نه فقط اهو ته طاقت حاصل ڪري وٺنديون، بلڪ دنيا ۾ انهن جي طاقت فيصله ڪن طاقت هوندي. مسلمان ملڪن جو بلاڪ ڪو معمولي بلاڪ نه آهي. انڊونيشيا کان وٺي مراڪش تائين مسلسل مسلمان قومن جو ايترو وڏو بلاڪ آهي جنهن وٽ ايتري قدر وسيع وسيلا ۽ ذريعا ۽ آدمشماري (Man Power) آهي، جيڪڏهن سڀ جو سڀ اسلام جي اصولن تي ڪم ڪري ۽ اسلام جي مٿان متحد ٿئي ته دنيا جي ڪهڙي طاقت آهي جو ان جي سامهون ٽڪي؟

هاڻي ٻيو سوال جيڪو مون اوهان جي آڏو پيش ڪيو آهي، ان جو جواب آءٌ ٿورن لفظن ۾ ڏيندس. سوال هي هو ته اسلام هن زماني ۾ دنيا ۾ غالب اچي سگهي ٿو يا نه؟ دنيا جون قومون ان کي قبول ڪري سگهن ٿيون يا نه؟ قبول ڪري سگهن ٿيون ته ڪيئن؟ ۽ اسلام هن زماني ۾ قابل عمل آهي يا نه؟ اهو سوال اڄ ڪلهه وڏي ڪثرت سان پيش پيو ڪجي.

آءٌ عرض ڪريان ٿو ته ڪنهن به زماني ۾، زماني پاڻ اڳتي وڌي نه ڇيو هو ته آءٌ اسلام کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. سڀ ڪان وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته رسول ڪريمﷺ جن جڏهن عرب جي جاهل سوسائٽيءَ ۾ اسلام جي دعوت ڏني هئي ته ڪڏهن زماني اٿي چيو ته اي محمدﷺ! اسين توهان جي انهيءَ دعوت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؟ اصل دارومدار ته انهيءَ طاقتور ۽ مضبوط داعيءَ تي هوندو آهي، جيڪو هيئن چوي ته "اي زمانا! جيڪڏهن تون مون سان موافقت نه ٿو ڪرين، ته آءٌ توکي پنهنجو موافق بنائي ڇڏيندس" ائين ته ڪٿي اسلام ۽ ڪٿي ڪميونزم! پر بحث خاطر ڪميونسٽ انقلاب جي ڪاميابيءَ کي ڏسو جيڪي توهان جي سامهون جي ڳالهه آهي، جيتو ٺيڪ اسلام ايتري تبديلي (Radical change) نٿو چاهي، جهڙي ڪميونزم چاهي ٿو. مڪمل طور ماڻهن جي شخصي ملڪيت کي ساقط ڪرڻ ۽ سڀ املاڪ جي مٿان حڪومت جو قابض ٿيڻ ۽ هڪ مرڪز تي سڀني قومي دولت جو جمع ٿيڻ تمام وڏو ڦيرو آهي، اسلام ايڏو وڏو ڦيرو آڻڻ نٿو چاهي، پر جڏهن ڪجهه ماڻهو اٿيا ۽ انهن اهو ارادو ڪيو ته اسان کي اهو نظام نافذ ڪرڻو آهي ته اهي ڪامياب ٿي ويا.

اهڙيءَ طرح هي سوال به بلڪل بيهودو آهي ته اسلام اڄ قابل عمل آهي يا نه؟ اسلام هر زماني ۾ عمل جي قابل هو ۽ اڄ به آهي ۽ قيامت تائين عمل جي قابل رهندو.

اصل سوال جنهن تي دارومدار آهي سو هي آهي ته ڇا ڪا قوم دنيا ۾ اهڙي به موجود آهي، جيڪا سڄي جي سڄي اسلام کي ڳالهه وٽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ تيار هجي؟ جيئن مون آغاز ۾ چيو هو ته اسان جي تاريخ جي شروعات ٿي انهيءَ ڳالهه کان ٿي هئي ته عرب جي سڄي جي سڄي قوم هن ڳالهه لاءِ تيار ٿي وئي ۽ پنهنجي سڄي معاشي، معاشرتي، سياسي ۽ تمدني نظام کي اسلام تي قائم ڪري، پنهنجين انفرادي سيرتن ۽ اجتماعي احوال کي اسلام جي مطابق بدلائي ڇڏيو. ان اهو وعدو ڪيو هو ته دنيا ۾ اسلام جي علمبردار بڻجي اٿندي، انهيءَ لاءِ جيئندي ۽ انهيءَ لاءِ مرندي!

جڏهن هڪ اهڙي قوم دنيا ۾ پيدا ٿي وئي تڏهن ڏسو ته اها ڪهڙيءَ طرح دنيا تي غالب ٿي وئي! ۽ ڪهڙي طرح دنيا تي ان جا اثرات اڄ تائين موجود آهن.

جيڪڏهن ان طرح سان ڪا سڄي قوم پوريءَ طرح سان اسلام کي اختيار ڪري ۽ پنهنجي سڄي زندگيءَ جو نظام ان جي مطابق هلائي ۽ انهيءَ جي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿئي ته منهنجو خيال آهي ته اڄ دنيا اسلام قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

هاڻي آخر ۾ آءٌ هڪ ٻي غلط فهمي دور ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. چيو ويندو آهي ته اڄ ڪله جو دور نئون دور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيو ۽ هي خلائي جهازن تي چڙهي فضا ۾ ويا ١٠ اها ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي آهي باقي ذهني اعتبار کان ته ڪا به خاص ترقي نه ٿي آهي. ان لحاظ کان انسان اڄ به ساڳيءَ ٿي جاءِ تي آهي.

دهريا جهڙيءَ طرح پراڻي زماني ۾ هوندا هئا، اڄ به ته نا وڃن ٿا. ته وه ۽ گناه جا علمبردار جهڙيءَ طرح قديم ترين زماني ۾ هوندا هئا، اهي اڄ به موجود آهن. ساڳيءَ ريت حق کي سچاڻڻ ۽ مڃڻ وارا ۽ حق لاءِ ڪوششون ڪندڙ جهڙي طرح حضرت نوح عليه السلام جي وقت ۾ موجود هئا اڄوڪي زماني ۾ به موجود آهن - يعني نيڪي به ساڳي ٿي آهي، بدي به ساڳي ٿي آهي. انسان جي ذريعن ۽ وسيلن جي ترقيءَ سان ۽ ان جي علمي انڪشافات ۽ انهن کي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ جي سببان جيڪو هن کو فرق واقع ٿيو آهي ته اهو رڳو فني فرق آهي، اصلي، بنيادي ۽ جوهري ڪي فرق نه آهي.

گذريل گذ ڪ هي ڳالهه به سمجهڻ گهرجي ته هر دور جي ماڻهن ائين سمجهيو آهي ته سندن دور جي ترقي انساني ترقي جو آخري باب آهي پر تورا ته ڏينهن ٿي مس گذريا هوندا ته سندن دور پراڻو دور بڻجي چڪو هوندو ۽ ايندڙ دور وارا وري به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزدڪ جيڪو تصور پيش ڪيو هو، اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ وري ڏسو ته اهو ئي تصور ساڳئي طرح موجود آهي. آمريڪا جا ماڻهو سمجهن ٿا ته بنيادي طور تي مرد ۽ عورت ۾ ڪو به فرق نه آهي. عورت جي ڌيءُ، پيڻ، ماءُ يا زال جي هئڻ سان ڪو به بنيادي فرق نٿو ٿئي. عورت بهرحال عورت ئي آهي ۽ مرد، جيڪڏهن چاهي ته ان سان هر صورت ۾ تعلقات رکي سگهي ٿو. اتي پيڻ ياءُ جاياڻ ۾ تعلقات ته ٿيندا پيا وجن پيءُ ۽ ڌيءُ جا تعلقات به ڪا نئين ڳالهه نه رهي آهي ۽ هاڻي ماءُ ۽ پٽ جي تعلقات تائين اچي نوبت پهتي آهي. جيڪڏهن اوهان اتي جي رسالن جو مطالعو ڪندا ته ڏسندا ته انهن ۾ ڪيترائي واقعا ماءُ پٽ جي تعلقات جي باري ۾ هوندا. انسان کي ايتري ذليل سطح تي پهچايو ويو آهي جو ڪڏهن ڪنهن شريف ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ان جو تصور اچڻ به ممڪن ڪونه هو.

ان طرح ڪي ماڻهو ڪميونزم ۽ سوشلزم تي به ڏاڍو نازڪن ٿا ته مارڪس هن دور ۾ جيڪو فلسفو پيش ڪيو آهي اها ڪا وڏي ڳالهه آهي جيڪا اڳئين زماني جي ماڻهن کي نصيب نه هئي حالانڪ جيڪڏهن چانچيو وڃي ته اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي جنهن تي ايترو ناز ڪيو پيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته ڳالهه صرف ايتري آهي جو اڳ ۾ زمين، ڪارخانا ۽ پيداوار

جا ذريعا گهڻن ئي زميندارن، ڪارخانيدارن ۽ سرمايدارن جي هٿن ۾ هوندا هئا ۽ تقسيم جا ذريعا به گهڻن ئي هٿن ۾ هوندا هئا ۽ هاڻي ڪميونزم ۽ سوشلزم جي ذريعي اهي سمورا يون زمينون، سمورا ڪارخانا، سمورو واپار ۽ دولت پيدا ڪرڻ جا سمورا وسيلا سڀ جا سڀ چند ماڻهن جي هٿن ۾ اچي وڃن ٿا. اهي ئي چند ماڻهو ملڪ جا حڪمران، سموري دولت ۽ رزق جي سمورن وسيلن جا مالڪ ۽ انهي رزق کي ماڻهن تائين پهچائڻ جي اختيارات تي قابض بڻجي وڃن ٿا. انهن ئي چند ماڻهن جي مقابلي ۾، جن وٽ حڪومت به هوندي آهي ۽ رزق جا سمورا وسيلا به، ڪو به شخص سوچڻ جي همت به نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته هن ڪو به شخص ڪا به اهڙي ڳالهه ڪري جنهن مان حڪمران ٽولي کي اهو شڪ پوي ته هي ماڻهو اسان جي نظريات جي خلاف آهي ته هاڻي اهڙين نه آهي ته انکي جيل موڪليو ويندو ويندو ته ان کي ماريو ويندو يا وري پاڳل خاني ۾ داخل ڪيو ويندو. ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ملڪن ۾ ڪنهن به قسم جي انساني آزادي جو ڪو به تصور نه آهي ۽ سوشلزم ۽ ڪميونزم ۾ ان کان سواءِ ڪو به فرق نه آهي ته هڪڙو اهو ڪم زبردستي ڪرڻ گهري ٿو ته ٻئي جي دعويٰ آهي ته اسين جمهوريت جي ذريعي ائين ڪنداسين، ليڪن مقصد

ٻنهي جو ساڳيو آهي. اهو هيءَ ته پيداوار جي ذريعن کي حڪومت جي هٿ ۾ ڏنو وڃي. سمورا ماڻهو حڪومت جا نوڪر ٿيندا. ڪمائين ۽ حڪومت جيڪو به معاوضو کين ان پورهئي جو ڏئي ان تي راضي رهن. ظاهر آهي ته حڪومت رکو پوليس وارن کي نٿو چئجي. حڪومت انهن ماڻهن جو نالو آهي جيڪي مرڪز ۾ ويهي رٿائون ۽ منصوبا ٺاهيندا آهن ۽ اختيارات استعمال ڪندا آهن. سمورا اختيارات اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ اچڻ بعد بدترين قسم جي ڊڪٽيٽرشپ پيدا ٿي پوندي آهي. شيطان به وڏا وڏا فرعون ۽ نمرود پيدا ڪيا، ليڪن ڪميونزم ۽ سوشلزم موجوده دور ۾ جيڪي فرعون ۽ نمرود پيدا آهن، انهن جي اڳيان پراڻي زماني وارا فرعون نمرود ڪا شيءِ نه رهيا آهن.

ساڳيءَ ريت مغرب جي سرمايه دار ۽ لاديني جمهوري نظام جي علمبردارن ۽ انهن جي چيلن ۽ چمچن جمهوريت جي نالي ۾ خدا جي مخلوق تي جيڪي ظلم ڪيا آهن ۽ ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ جيڪي نيون نيون اٽڪلون ايجاد ڪيون آهن، انهن جو خواب به پراڻي زماني جا حڪمران نٿي ڏسي سگهيا.

هيءَ آهي هڪ هلڪڙي جهلڪ انهيءَ روشنيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي واري نئين زماني جي! انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انسان جي حالت ۾ ڪو به فرق نه پيو آهي. جيڪڏهن ڪو فرق پيو آهي ته ان مان بچڙائي ۾ ته واڌارو ٿيو آهي، چڱائي ڪا به نه ٿي آهي. اصل ڳالهه هي آهي ته انسان جي فطرت هميشه کان هڪ ٿي رهي آهي ۽ قيامت تائين هڪ ئي رهندي. انهيءَ ئي فطرت جي مطابق دينِ فطرت يعني اسلام ٿي ان جي اصلاح ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن به ٻيءَ تدبير جي ذريعي انسان جي اصلاح نٿي ٿي سگهي. اڄ کان هزارين سال اڳ جهڙيءَ ريت اسلام انسان جي اصلاح ٿي ڪئي ان طرح اڄ جي انسان جي به اهوئي اصلاح ڪري سگهي ٿو ۽ آئينده به هميشه ان جي ذريعي ئي اصلاح ممڪن ٿي سگهندي. پوءِ ٻيا ئي به اسلام ئي انساني زندگيءَ جو فطري نظام هو، اڄ به انهيءَ ئي نظام جي ذريعي ان جا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. ماڻهو پڇندا آهن ته ڇا اسلام هن زماني ۾ به هلي سگهي ٿو؟ آءٌ چوان ٿو ته هن زماني ۾ صرف اسلام ئي هلي سگهي ٿو، ٻيو ڪجهه به نظريو صحيح معنيٰ ۾ هن زماني ۾ هلي ئي نٿو سگهي. موجوده دور جي انسان کي صرف اسلام ئي مطمئن ڪري سگهي ٿو.

هن وقت ڪيفيت هيءَ آهي ته آمريڪا ۽ يورپ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان بيزار ٿي ڪنهن ٻئي دين جي تلاش ۾ نڪرن ٿا ته هو ٻڌ ڌرم جو مطالعو ڪن ٿا، هندو ڌرم جو مطالعو ڪن ٿا ۽ ان طرح ٻين مذهبن جو مطالعو ڪن ٿا، جڏهن هو انهن سڀني کان غير مطمئن ٿين ٿا ۽ ڪٿان به روشني نه ٿي ملي ته آخر ۾ اسلام جو مطالعو ڪن ٿا ۽ اسلام کي مسخري ڪري وٺي ٿو، ته اڄ به اسلام جي دليلن ۾ طاقت آهي، مسلمان جيڪڏهن انهن کي ڪٽي اٿن، انهن کي پڪيڙين، انهن کي دنيا جي سامهون آڻين، ته اسلام انهن سڀني تي غالب اچي سگهي ٿو. اسلام جي مقابلي ۾ اڄ ڪو به اهڙو فلسفو يا نظريو نٿو آڻي سگهجي، جيڪو علمي حيثيت سان ان جي مقابلي ۾ بيهي سگهي. مسلمان جيڪڏهن پاڻ پنهنجي شعور ۽ ايمان ۾ پختا اسلامي اخلاق ۽ ڪردار سان ڀرپور ۽ پنهنجي ملڪن ۾ اسلامي نظام کي عملاً قائم ڪرڻ وارا هجن ته جيڪي اسلام طوفان وانگر سڄي دنيا ۾ پکڙي وڃي. دنيا جي ڪا به طاقت ان کي غالب ٿيڻ کان نٿي روڪي سگهي. دنيا آخر اهو مڃڻ لاءِ مجبور ٿي ويندي ته واقعي حق اهو ئي آهي ۽ ان کان سواءِ حق ٿي سگهي به نه آهي ۽ جيڪڏهن انسان جي ڀلائي آهي ته انهيءَ حق جي اندر آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائي پرنٽنگ پريس لطيف آباد نمبر ٢

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com